آنند جو آواز

سي. ڊبليو. سينڊرس

راڌا سوامي ستسنگ بياس (پنجاب)

آنڊر جو آواز

سي. ڊبليو. سئنڊرس

راڌا سوامي ستسنگ، بياس (پنجاب)

وشيہ سوچي

مهاڳ (٥)

ڀومڪا (٧)

١. سنتن جو سنديش ١

٢. سرشٽيءَ جي رچنا ٣

٣. سچي گوروءَ جي سڃاڻ ١١

٤. پرماتما جو مندر ١٨

٥. پنهنجي اندر جهاتي ڪيئن پائجي ٢٠

٦. نام يا شبد ڌن ٢٤

٧. نام دان لاءِ ڪجھ شرط ٢٧

٨. ڪرم ٣١

٩. ثابتي ٣٦

١٠. ڪجھ سوال ۽ انهن جا جواب ٣٨

Published by Shri S. L. Sondhi
Secretary Radha Saomi Satsang
Beas (Punjab)

دفعو پھريون] مئي ١٩٦٩ [جلد ٣٠٠٠
دفعو ٻيون] فيبروري ١٩٧٣ [جلد ٣٠٠٠
دفعو ٽيون] سيپٽمبر ١٩٧٧ [جلد ٥٠٠٠

Printed by Shri Girdharilal Gur
at Kohinoor Printers
Shekha Mohalla, Ajmer.

مهاڳ

"اندر جو آواز" ڪرنل سي. ڊبليو. سئنڊرس جي مشهور انگريزي ڪتاب "دي انر وائس" (The Inner voice) جو سنڌي ترجمو آهي. اهو پستڪ ڪيترن ڀاشائن جهڙوڪ جرمن، فرينچ، هندي وغيره ۾ انوواد ٿي چڪو آهي ۽ ڪافي لوڪ پريه ثابت ٿيو آهي.

هن پستڪ ۾ ليکڪ سنت مت جي سڌانتن جو مختصر اُليک ڪيو آهي. سنت مت ڪنهن خاص ڌرم يا قوم سان سنبنڌ نٿو رکي. هر ڪنهن ديس، ڌرم ۾ جائيءَ جا ماڻهو انهيءَ مان لاڀ وٺي سگهن ٿا. سنت مت ۾ ڪو ٻاهريون ڀيک، آچار وهنوار يا ريت رواج ڪونهي. سڀني ڌرمن جي اها مول سکيا آهي ته پرماتما جهنگلن، پهاڙن، تيرٿن ۽ مندرن ۾ نه، بلڪ انسان جي اندر وسي ٿو. ٻاهر نه ڪٿهنڪي مليو نه ملندو. سنت مهاتما اسانکي پنهنجي اندر جهاتي پائڻ جي جڳتي سيکارين ٿا.

جنهن به گورمک آتما ۽ پرماتما جو گيان پاتو ۽ مڪتي حاصل ڪئي تنهن جيئري ئي پنهنجي حياتيءَ ۾ پراپت ڪئي. سنت مت به اسانکي موت کانپوءِ مڪتيءَ جو

"مندرن ۾ گرجن جا گهنڊ اسانکي
صرف ڪن مقرر وقتن تي سڏين ٿا پر
اسانجي اندر وجندڙ انحد شبد جي
جهنڪار اسانکي هردم واپس سڏي رهي
آهي. افسوس ! اسين اچيت اِنسان
انهيءَ کي ٻڌڻ جي ڪوشش ٿي نٿا
ڪريون !"

ڀومڪا

هي پستڪ خاص ڪري پنهنجي جگياسين واسطي لکيو ويو آهي. هن ۾ روحانيت جي سار کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. هي مارگ، جو آتما کي پرماتما سان ملائي ٿو، اَنادِي آهي ۽ جڏهن کان دنيا پيدا ٿي تڏهن کان هلندو آيو آهي ۽ جيستائين هي سنسار قائم رهندو تيستائين اهو سرت شبد جو مارگ به قائم رهندو ڇاڪاڻ ته اهو پرماتما پاڻ ٺاهيو آهي.

جيڪڏهن مختلف ڌرمن جي اِتهاس جي چڱي طرح کوج ڪبي ته پروڙ پوندي ته هر ڪو ڌرم شروع ۾ منش کي پرڀوءَ سان ملائڻ جو ساڌن هو ۽ جيستائين ان ۾ ڪمائيءَ وارا سنت مهاتما موجود رهيا تيستائين انهيءَ جو مول روپ ۽ آدرش قائم رهيو. پر جڏهن ڌرمن جي واڳ ڏور ٻاهرمکي ۽ سوارٿي شيوڪن جي هٿ آئي ته پوءِ اهي ڌرم بدلجي صرف رسمن رواجن ۽ ڪرم ڪانڊ جا بنڌن بڻجي پيا.

باريڪ نظر سان ڏسبو ته سوجهي پوندي ته هر هڪ ڌرم جا ٻه پهلو آهن، اَنترمکي ۽ ٻاهرمکي. اَنترمکي ڌرم جو مقصد آهي آتما کي من ۽ مايا جي جار مان

دلاسو نٿو ڏئي پر جيڪر ڪٿي نروار پڻ جي پرپٺا ڪري ٿو ۽ انهيءَ کي پائڻ جو ساڌن ٻڌائي ٿو.

هن ننڍڙي پستڪ ۾ ليکڪ انهيءَ مارگ تي پرڪاش وجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ آشا ٿئي ٿي ته پرمارٿ جا پياسي انهيءَ مان لاڀ وٺي پنهنجو جيون سڦلو ۽ سڦل بڻائيندا.

شري منگهارام ديال هن پستڪ جو سنڌي اُنواد ڪري ڇپائڻ جو پربنڌ ڪيو، جنهن لاءِ اسين سندس شڪرگذار آهيون.

ايس ايل سونڌي

سيڪريٽري

راڌا سوامي ست سنگ بياس

جي ٻي رس مارگ، کي ڇڏي ڪنهن عملي ۽ سرشٽ مارگ، جي ڳولا ۾ آهن تن کي هن پستڪ ۾ ذڪر ڪيل مارگ، لئي گهرائيءَ سان وچار ڪري لاڀ وٺڻ گهرجي.

جگياسوءَ کي پورو لاڀ تڏهن ٿيندو جڏهن اُدار دل سان سنت مت جي سڀني سڌانتن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو. جيڪڏهن پاٺڪ محسوس ڪري ته هن پستڪ ۾ انهيءَ آتم ٻالڪ وشيه جو ذڪر آهي جنهن جي هن کي کوج آهي ته پوءِ ڪيس هن روحاني وگيان جو غور سان ابياس ڪري پنهنجي وچارن کي نوٽ ڪري، شنڪائن کي دور ڪرڻ لاءِ وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ گهرجي.

آخر ۾ هڪ ٻيءَ ڳالهه جو ذڪر ڪرڻ خاص ضروري آهي. جيڪڏهن هن پستڪ پڙهڻ سان پاٺڪ کي جيون جي رهسيه ڄاڻڻ جو شوق پيدا ٿئي ۽ سنت ستگوروءَ جي شرڻ وٺي نام وٺڻ جو فيصلو ڪري ته پوءِ انترو اسين هنکي وشواس ڏيئي سگهون ٿا ته جي هو سنت مت جي ٻڌايل اصولن لئي هاڻي نيڪ پاڪ زندگي گهاري ڀڄن سمرن نيم ۽ پريم سان ڪندو ته ڪجهه عرصي ۾ ئي پنهنجي ذاتي تجربي دوارا هن آتمڪ وگيان جي سچائيءَ بابت سندس تسلي ٿيندي. پنهنجي روزمره جي ذميوارين کي نباهيندي جيترو وڌيڪ لگن سان ڀڄن سمرن ڪندو اوترو ئي سندس انترمک وڪاس

ڪڍي پرماتما سان ملائڻ ۽ ٻاھرمکي ڌرم جو زور ڪرم ڪانڊ، ڪيرتن ۽ پوڄا ڪرڻ حالتن کي سڌارڻ لـءِ ھوندو آھي.

اِنساني جسم کي سھارو ڏيڻ ۽ چيتن رکڻ واري شڪتي آتما آھي. جيستائين آتما شرير ۾ موجود آھي تيستائين شرير جي سونهن قائم آھي ۽ جڏھن اھا پرواز ڪري وڃي ٿي ته پوءِ ھيءَ ديھ مٽيءَ جي ڍيري ٿيو پوي. اھڙي طرح جڏھن ڌرم روحانيت کان خالي ٿي وڃي ٿو ته پوءِ اھو محض ڪٽرتا، تنگدلي، فرقيبندي ۽ جھالت جو مرڪز بڻيو پوي، جتان ڌرمي جھيڙا، واد وواد ۽ ٻيون انيڪ برايون اُپڄن ٿيون ٿيون. نتيجو اھو ٿيو آھي ته وگيانڪ اُنتيءَ جي باوجود اسين آتمڪ کيتر ۾ ڪورا آھيون ۽ اندري ۾ ھٺورائپون پيا ھلون.

Religion (ڌرم) لئٽن ڀاشا جي ٻن شبدن جو جوڙ آھي. "Re" جو مطلب آھي واپس ۽ "Lagore" جو ارٿ آھي جوڙڻ يعني اھو مارگ جو آتما کي واپس پرماتما سان جوڙي. ھن پستڪ ۾ انھيءَ مارگ ڏي اِشارو ڪيو ويو آھي ۽ ٻڌايو ويو آھي ته انھيءَ جي کوج ڪيئن ڪجي. ھي ڪو نئون ڌرم ناھي بلڪ صحيح معنيٰ ۾ خالص روحانيت آھي. انھيءَ ڪري ان مارگ تي ھلڻ لاءِ پنھنجي ڌرم يا شريعت ڇڏڻ جي ضرورت نه آھي. جيڪي سڀڻ واد وواد، ترڪ ۽ ڪرم ڪانڊ

١- سنتن جو سنديش

انسان جي ٻاهرين توڙي اندرين جسماني بناوٽ ساڳي آهي ۽ سندس مانسڪ ۽ آتمڪ ڍانچو بہ سمان آهي. سڀ جو ڪرتا ڌرتا، جنهنکي اسين الله، رام، رحيم، واهگرو يا God سڏيون ٿا، ساڳيو آهي ۽ هن سان ملڻ مڪتي پائڻ جو مارگ بہ سڀني لاءِ هڪڙو ئي آهي. اهو مارگ قدرتي طور هر ڪنهن انسان جي اندر پريوءَ پاڻ رکيو آهي ۽ اهو آهي سرت کي شبد سان جوڙڻ.

اهو سرت شبد جو اندروني مارگ جيتوڻيڪ هر هڪ انسان جي اندر موجود آهي پر عقل ۽ چترائيءَ سان انهيءَ جي کوج ڪرڻ وئرٿ آهي. صرف اهو موجوده سنت ستگورو، جو انهيءَ روحاني راهہ کي طئہ ڪري ڌر ڌام پهچي چڪو آهي، اسانکي انهيءَ مارگ جو ڀيد ڏئي سگهي ٿو. اهو ئي مڪتيءَ جو واحد طريقو آهي. جيستائين اسانکي سچو روحاني رهبر ساڌنا نہ سيکاريندو، نام سان نہ جوڙيندو ۽ پڇس ۾ سهائتا نہ ڪندو، تيستائين آتمڪ جاڳرتي ۽ مڪتي ممڪن نہ آهن. شبد يا نام هر هڪ جي اندر برابر گونجار پيو ڪري پر چابي ستگوروءَ وٽ آهي. جي چابي هٿ نہ ايندي تہ شبد ڪيئن پرگهٽ ٿيندو؟

ٿيندو ۽ آتمڪ گيان ۾ اضافو ٿيندو ۽ پوءِ سمو ايندو جڏهن هو نيار ۽ نوڙت سان نه صرف انهن چوندو ته ”مان مڃان ٿو“ بلڪ ”مان ڄاڻان ٿو.“

”سڄڻ ڪي سن ساڃي ساکي،
سو ٻولهه جو پڌڪو آڏکين.“

(رام ڪلي محله ٥-٨٩٤)

”اسانکي پنهنجي اندران اکين سان ڏسڻو ۽ پنهنجي اندران ڪنن سان هنجي آواز کي ٻڌڻو آهي. اسانکي پنهنجي اندر جي انڌيري کي پار ڪري پرڪاش کي پسڻو آهي.“ (شمس تبريز)

سي. ڊبلو. سنڊبرس

٢- سرشٽيءَ جي رچنا

اسانجي دلين ۾ عام طور اِهي سوال اُٿندا آهن ته ”اسين هن دنيا ۾ ڪيئن آياسين، ڪٿان آياسين ۽ وينداسين ڪيڏانهن؟“

انهن مول سوالن جو جواب ٿورن لفظن ۾ ڏيڻ مشڪل آهي ڇاڪاڻ ته اسان انهيءَ ڏس ۾ کوج نه ڪئي آهي. هن پستڪ جي پڙهڻ سان نوان آدرش سامهون ايندا ۽ نام جي ڪمائيءَ جو شوق پيدا ٿيندو. پوءِ جڏهن اندر جون منزلون طئه ٿينديون ۽ روحاني شڪتين جو وڪاس ٿيندو تڏهن پرڀوءَ جي رچنا جي رتا سمجهه ۾ ايندي ۽ اهي پرشن خود بخود حل ٿي ويندا.

رچنا جا ٽي حصا آهن:— آلمڪ، مانسڪ ۽ ڀوتڪ جن جي اُتپتي شبد ذريعي ٿي.

”سب کي آد شبد کو جان،
انت سبي کا شبد پڇان.“

(سوامي جي مهاراج)

”اُتپت پرلئو سبدي هووي،
سبدي هي ڦر اوپت هووي.“

(مانجهه محلا ٣-١١٧)

”نام کي ڌاري سگلي جنت،
نام کي ڌاري کنڊ برهمنڊ.“

(گوڙي سکمني محلا ٥، ٢٨٤)

اهو موکش جو مارگ، آد جڳاد کان ساڳيو آهي ۽ ساڳيو رهندو. سنتن مهاتمائن جي باڻيءَ ۽ پستڪن کي پڙهڻ سان سوجهي پوي ٿي ته مختلف وقتن ۽ مختلف ملڪن ۾ رهندي به هنن انهيءَ سرت شبد مارگ جو اُپديش ڪيو. اِهو نجات جو رستو سڀ جي جائداد آهي ۽ جيڪو چاهي اُن مان لاڀ وٺي سگهي ٿو.

اِهو سنتن جو سنديش اسان مايا جي جار ۾ ڦاٿل جيون لاءِ خوشي ۽ آشا جو پيغام آهي ۽ انهو اُنيو جيئرَ ئي حاصل ٿي سگهي ٿو.

”جب لگ نہ ديکون اپني نئني،
تب لگ نہ پتيجون گورکي بئني.“

(ٿلسي صاحب)

سنتن جي سکيا جو مقصد صرف آتمڪ اُنتي ٿيندو آهي، هو اسان من ۽ مايا جي ڪيچڙ ۾ ڦاٿل جيون کي شبد سان جوڙي نرمل ڪرڻ لاءِ اچن ٿا. اهڙا سچا سنت واد وواد ۾ ڪڏهن به ڪين اَٽڪن. هو مت متانترن جي بکيڙن کان ڪنارو ڪري جيون جي آتمڪ انتيءَ جي مول مقصد کي سدائين سنمک رکن ٿا.

ڌارڻ ڪرڻو پوي ٿو. هن مات لوڪ ۾ اچي آتما اڻڳڻن نه غلافن سان ڍڪجو وڃي جو انجو اصلي سروپ گم ٿيو وڃي ۽ هن نه وڪال ۽ بي چئن ٿيو پوي. نتيجو اهو ٿو نڪري ته هن پاڻکي هڪ الڳ هستي ٿو سمجهي ۽ ڀلجي ٿا وڃون ته اسين در اصل پرم پتا پرماتما جا بالڪ آهيون.

انهن هيٺين منڊلن ۾ آتما آهي ضرور پر هن پردان آهي ۽ اهڙو ڀلوان ۽ چتر دشمن آهي جو آتما کي پرماتما کان الڳ ڪري انکي مٿين روحاني پدن ۾ وڃڻ کان روڪي ٿو ۽ پنهنجي دائري مان نڪرڻ نٿو ڏئي. هن جي انهيءَ چالاڪيءَ ۽ رڪاوٽ بابت شايد عام ماڻهن کي وشواس نه اچي ليڪن حقيقت اها آهي ته پرماتما پاڻ پنهنجي موج سان اها رٿا رٿي آهي ته هيٺيان لوڪ من ۽ ڪال جي آڌين رهن. من ڪال جو ايجنٽ آهي ۽ آتما پرماتما جي انس آهي. من آتما کي سدائين گمراهه ڪندو رهي ٿو. انهيءَ ڪري جيتوڻيڪ اسين سڀ پرم روپ پريوءَ جي ڪرڻ آهيون، تڏهن به هن استول سنسار ۾ اچي من جي اشارن تي نچي رهيا آهيون. سنت مهاتما اسانکي بار بار آگاهه ڪن ٿا ته من ئي اسانجو سڀ کان وڏو دشمن آهي ۽ آتمڪ انتي ۽ پريو پراپتي ۾ هڪ مهان رڪاوٽ. پر من اسانکي اهڙو گهيري رکيو آهي جو اسين هن جي چڪر ۾ اچي سنتن جي اها چتاوني ٻڌي اڻٻڌي ڪري ڇڏيون.

"All things were made by Him (The Word) and without Him was not anything made that was made."
(St. John I, 3.)

(شبد ئي سڀ رچنا ڪئي ۽ جيڪي ڪجھ ظهور ۾ آيو سو صرف شبد ئي بڻايو.)

رچنا جي نرمل حصي ۾ آتما جو سروپ، پرڪاش ۽ پريم آهي. اُتي آتما شبد روپي ساگر جي هڪ ڦڙي آهي. اهو ست ديش اسانجي پرم پتا پرماتما جو نج ڌام آهي ۽ آتما جو اصلي گهر.

حافظا خلد برين خانئي موروثي ما است.

(اي حافظ! اُتم روحاني ديش، سچکنڊ يا مقام حق اسانجو موروثي گهر آهي.)

انهيءَ چيتن آتمڪ منڊل جي هيٺان من ۽ مايا جا اُتي رمڻيڪ ۽ سندر ديس آهن. آتما جڏهن انهن منڊلن ۾ هيٺ لهي ٿي ته انکي من ۽ مايا جو سنگ ڪرڻو پوي ٿو ۽ انهن لوڪن ۾ رهڻ ۽ ڪار ڪرڻ لاء، ڪارڻ ۽ سوکيم شرير ڌارڻ ڪرڻا پون ٿا. جيئن جيئن آتما وڌيڪ هيٺ اچي ٿي تيئن تيئن وڌيڪ پڙدن ۾ ڍڪبندي وڃي ٿي ۽ من طاقتور ٿي هنجي مٿان غالب پوندو وڃي ٿو. آخر جڏهن آتما انهن پڙدن سوڌو هن دنيا ۾ اچي ٿي ته هنکي هي استول شرير اختيار ڪرڻو پوي ٿو ۽ انهيءَ جي بندنن ۾ قيد ٿيو پوي. سياوڪ هن استول دنيا ۾ ڪم ڪرڻ لاء آتما کي استول شرير

انترو ۾ پنهنجي ڪرمن جي سزا ۽ جزا ڀوڳڻ لاءِ وڻن ٽڻن جهڙن نيچ جونين ۾ وڃڻو پوي ٿو. اهڙي طرح پنهنجي ڪرمن جو ڪيترو لوڙي، چوراسي ڀوڳي بيشمار جنمن کانپوءِ منش ديهه جي پراپتي ٿئي ٿي. اهو وجهه انهيءَ لاءِ مليو ٿو ته اسين پنهنجو مول مقصد سمجهون ۽ مالڪ سان ملڻ جي ڪوشش ڪريون.

سڀني جونين کان منش ديهه اتم ۽ سريشٽ آهي ۽ پرڀو پراپتيءَ لاءِ هڪ انمول موقعو. جيڪڏهن هينئر اسان انهيءَ دُرلڀ ۽ قيمتي ديهه جو قدر نه ڪيو، من سان لڙي ڪال جي دائري کي ڇڏي مڪتي پراپت نه ڪئي، سرت شبد جي ڪمائي ڪري آتما کي پرماتما ۾ لين نه ڪيو ته پوءِ اسين من ۽ مايا جي پيچيدي جار مان ڪڏهن به آزاد نه ٿينداسين ۽ نيچ ۽ گندن جونين ۾ وڃي ڪرنداسين.

هي مرت لوڪ سرشٽيءَ جي رچنا ۾ سڀ کان هيٺيون منڊل آهي. ليڪن پرماتما انسان کي پنهنجي شڪل ۾ ٺاهيو آهي ۽ هن انسان کي اهو اڌڪار ڏنو آهي ته هو انهيءَ ديهه ۾ پنهنجي روحاني ترقيءَ لاءِ ڪوشش ڪري، مٿين منڊلن کي طئه ڪري، تر ڌام پهچي آواگون جو چڪر ختم ڪري، اهو اڌڪار ديوي ديوتائن کي به نه مليل آهي ڇاڪاڻ ته انهن کي به پنهنجي نيڪ ڪرمن جو ڦل ماڻڻ کانپوءِ واپس هن مرتيو لوڪ ۾ اچڻو پوي ٿو. گرو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا

حقيقت اها آهي ته دنيا جا گهڻا ڌرم مَن ۽ مايا جي حدن کان مٿي نه ويا ۽ انهن ڌرمن جا نيتا مايا وي منڊلن کي اصلي روحاني ديش سمجهي ويٺا. نتيجو اهو ٿيو جو اهي روحاني رهبر جن انسان ذات لاءِ گهڻو ڪجهه ڪيو سي اڃا تائين به ڪال جي دائري ۾ قائل آهن.

اهو سوال عام طور پڇيو ويندو آهي ته اسانجون آتمائون انهن مايا وي منڊلن ۾ ڪيئن آيون؟

جيئن مٿي لکيو ويو آهي ته آتما جڏهن پنهنجي پرم ڌام کي ڇڏي هيٺ ڪال جي منڊلن ۾ آئي تڏهن هن مَن جو سنگ ڪيو. جنهنجو نتيجو اهو ٿيو جو هنجو مٿين چيتن لوڪن ۽ شبد سان سنبنڌ ٽٽي پيو. جيئن جيئن آتما ۽ مَن وڌيڪ هيٺ ڪندا ويا ٿيئن تيئن مايا ۽ اندرين جي بندنن ۾ ڦاسندا ويا.

جيو هن سنسار ۾ اچي اڇائن ۽ واشنائن جي جار ۾ ڦاسي ٿو پوي. ٻالپڻ کان وٺي سنسار جا پدارٿ ۽ رنگ تماشا اسانجي مَن کي ڇڪين ٿا. ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه ۽ اهنڪار اسانجي مَن جي گراوٽ جو ڪارڻ بڻجن ٿا؛ شراب تماڪ، ۽ ٻيون نشيدار شيون اسانجي اندرين کي عارضي سک ڏيئي، اسانجي حالت بدتر بڻائين ٿيون.

اسانجون حيواني خواهشون ۽ ڪارروايون ڏيهري ڏيهري اسانکي پسون بنائي ڇڏين ٿيون ۽ انهيءَ پسون ورتيءَ ۽ حيواني اڇائن جي ڪارڻ اسانکي آخر وڃي حيوانن جون جونيون اختيار ڪرڻيون پون ٿيون. نه صرف

سنسار جا وشيه وڪار من کي لوڀ نٿا ڪن ۽
مايا وي منڊلن جي چمڪ دمڪ آتما کي سچي شانتي
نٿي ڏئي. انهيءَ لاءِ جنهيءَ کي دور ڪرڻ جو صرف
هڪ ئي اپاءُ آهي ته ٻئي پنهنجي اصلي ڌام ۾ واپس
پهچن. آتما جو اصلي ڌام سچکنڊ آهي ۽ من جو برهم،
جنان من جي پيدائش ٿي آهي. عام طور ڏٺو ويو آهي
ته جڏهن انسان کي مصيبتون اچي گهيرينديون ته هو
انهن کان ڇوٽڪاري پائڻ جو رستو ڳولي ٿو. ويچارن
جي متڀيد، مذهبي جهڳڙن ۽ ڌارمڪ بحث مباحثن،
دنيوي مان وڏائي ۽ پدويءَ لاءِ کينچا تاڻي، سنساري
پدارٿن جي پراپتيءَ لاءِ ڊوڙ ڊڪ، انهن سڀني پرپنچن
مان ٿڪي ٿي انسان هن سنسار کي دکن جو گهر سمجهي
پنهنجو پاڻ کان سوال ڪري ٿو، ڇا هن دکن جو ڪو
علاج آهي؟ ڇا ڪو اهڙو گورمک سڄڻ آهي جو هن
اَنڌڪار مان ڪڍي پرم ستيه جي پرڪاش جي جهلڪ
پسائي؟ يا روحانيءَ جي مهاتمائن جي سکيا جو سهارو
وڃي بچيو آهي؟ انهيءَ وقت مالڪ سهائتا ڪري ٿو
ڇاڪاڻ ته جن جي دلين اندر سچي جگياسا اٿڻ لڳي ٿي
انهن کي نشچو آهي ته ڪو مالڪ جو پيارو دنيا ۾ ضرور
موجود هوندو جو سندن پرمارٿ جي پياس اجهائيندو
۽ اها هڪ حقيقت آهي ته هن سنسار ۾ هر سمي ڪونه
ڪو پورن سنت ٿي رهيو آهي جنهن من کي وس
ڪري پنهنجي رسائي ڌر ڌام تائين ڪئي آهي ۽ جو

۽ اي انسان! توکي هيءَ انمول منش ديهي ملي آهي،
انهيءَ ڪري ان موزون موقعي جو لاڀ وٺي پرماتما سان
مل. ٻاهرين ساڌنن ۾ پنهنجو وقت اجايو نه وڃاءِ.
سنتن جي چرنن ۾ وهي، شبد جو ابياس ڪري پنهنجي
نج ڌام پهچ.

”ڀئي پراپت مانش ديهوريا،
گوبند ملڻ ڪي ايهه بريا،
اور ڪاج تيري ڪتئي نه ڪام،
مل ساڌ سنگت ڀڄ ڪيول نام.“

هاڻي سوال ٿو اُٿي ته جنم مرڻ جي چڪر مان
ڇوٽڪارو ڪيئن ملي؟

من ۽ مايا جي منڊلن ۾ آتما اجنبي آهي ۽ اهو ئي
هنجي اُداسيءَ ۽ بي چينيءَ جو ڪارڻ آهي. ٻن ٻي جڙ
چيزن (آتما ۽ من) جو ميل ڪڏهن به سياوڪ ۽ سچو
ٿي نٿو سگهي. هن جڙ سنسار ۾ اچي آتما جو ته پاڻ
وٽ ٻڪ برو حال ٿيو آهي، ڇاڪاڻ ته نه صرف آتما
پنهنجي نج ڌام کان وڇڙيل آهي پر من به پنهنجي گهر
کان ڇنيل آهي. ٻئي هن جڙ سنسار جي زبر اثر آواگون
جي ويران گهاٽين ۾ ڀٽڪي رهيا آهن. ٻنهي مان ڪنهن
کي به سک ۽ چين ڪونهي.

”نانڪ دکيا سگل سنسار،
سو سکيا جن نام آڌار.“ (گورو نانڪ)

٣- سچي گوروءَ جي سڃاڻ

"سچي گوروءَ کي ڪيئن سڃاڻجي؟" اهو اسانجي زندگيءَ جو هڪ اهم ضروري سوال آهي ڇاڪاڻ ته سنسار ۾ اهڙا ڪئين پاکنڊي گورو آهن جي آتمڪ گيان ۽ مڪتيءَ جي جگياسن کي گمراهه ڪري رهيا آهن. انهن ۾ ڪي اهڙا به آهن جنڪي رڌيون سڌيون ۽ شڪتيون حاصل آهن ۽ سمجهي ويٺا آهن ته اسين سچا گورو آهيون. ڪي وري پنهنجي مانسڪ شڪتين جو اڌورو وڪاس ڪن ٿا جو ٻين تي پرڀاءُ وجهي کين پنهنجي مرضيءَ مطابق هلائين ٿا ۽ عقل ۽ چترائيءَ جون ڳالهيون ڪري ڀولي ڀالي جگياسن کي ڇڪين ٿا. ڪي بيماريءَ کي ڇٽائڻ، لڪل راز جو پتو ڪرڻ، ۽ ٻين الولڪ سڌين ذريعي پنهنجي پوڄان انيڪ شيوڪن کي لڙهه لائين ٿا. اهڙا اڌورا گورو سمجهن ٿا ته هو روحاني راهه ۾ پوري پورن آهن. انهيءَ ۾ شڪ نه آهي ته اهڙن لوڪين جي اوت وٽ سان ڪجهه آتمڪ اُنتي ٿئي ٿي پر هو اسانکي صرف انهيءَ منزل تائين پهچائي سگهن ٿا جيستائين هو خود پهتا آهن ۽ نه انهيءَ کان مٿي.

صرف اهو مهاتما جو خود من ۽ مايا جي منڊلن کي پار ڪري چڪو آهي بلڪ مالڪ سان ملي اَڀيد ٿي چڪو آهي سوئي اسانجي اڳيان ۽ پر من کي ناس ڪري، من مايا جي چڪر مان ڪڍي، اسانکي ڌر ڌام پهچائي

پنهنجي شش کي به انهيءَ مقام تائين پهچائي سگهي ٿو. اهڙا سنت سدائين سچن جگياسن جي ديکڀال ۽ رهنمائيءَ جو خيال رکندا آهن. جهڙي طرح پهاڙ جي چوٽيءَ تي بيٺل انسان وڌيڪ يا پري ايندڙ آڳنيءَ کي ڏسي سگهي ٿو، اهڙيءَ طرح سنت ستگورو مالڪ جي کوجيءَ کي وڃي ملي ٿو يا هنکي کنهن نه کنهن نموني پاڻ وٽ ڇڪي ٿو وٺي، ڀلي کڻي اهڙو جگياسو هن کان ڪيترو به پري ڇو نه هجي!

اسان عام ڏٺو آهي ته جڏهن چيلو تيار ٿئي ٿو تڏهن گورو به اچيو رسي ۽ آهي به ائين. اها تياري اُن وقت قالدائڪ ٿئي ٿي جڏهن اسين بخوبي محسوس ڪيون ٿا ته اسانجي اندر ڪا اهڙي الوڪڪ شڪتي آهي جا عقل ۽ بڌيءَ جي دائري کان مٿي آهي. جڏهن اسين حليم ۽ عاجز ٿي پنهنجو پاڻ انهيءَ اوچي روحاني شڪتيءَ کي ارپڻ ڪريون ٿا تڏهن سوجهي پوي ٿي ته هيءَ دنيا موه ۽ مايا جي جار آهي ۽ انهيءَ کان پوءِ ئي ستيه جي پراپتيءَ جي تيز تمنا جاڳرت ٿئي ٿي ۽ ستگورو ملي ٿو. گورو اسانکي نام دان ڏئي، شبد سان جوڙي پنهنجي نج ڌام پهچائي ٿو ۽ اهو روحاني سفر اسانکي هينئر ۽ هن حياتيءَ ۾ طئه ڪرڻ کپي ڇاڪاڻ جو اها ياترا صرف منش ديهه ۾ ئي طئه ٿي سگهي ٿي.

٢- سچو گورو تياڳي يا گرهستي هوندو آهي پر گرهستيءَ جي حالت ۾ گورو گدي سنڀالڻ کانپوءِ به برهمچريه پالن ڪندو آهي. هو پنهنجي ٻارن ٻچن جي ديک ڀال ڪندو آهي پر اسان سنساري ماڻهن وانگر انهن جي موهه ۾ ڦاٿل نه هوندو آهي يعني هو سنسار ۾ رهندي به لاتعلق هوندو آهي.

٣- هن جو دروازو امير ۽ غريب ٻنهي لاءِ کليل رهي ٿو ۽ هو سڀني جي سوالن ۽ شنڪائن کي تحمل ۽ پريم سان ٻڌي انهنجو سماڌان ڪري ٿو. هنجي شخصيت پرڀاوشالي هوندي به نمرتا سان ڀرپور هوندي آهي. هو سماج جي اوچ نيچ ٽوڙي سڀني قسمن جي ماڻهن سان ملي جلي ٿو. هنجي سادي، پوتر ۽ اُتم زندگي ٻين لاءِ اوچ آدرش پيش ڪري ٿي.

٤- سچو گورو پنهنجي محنت سان روزي ڪمائي پنهنجو ڪٽنب پالي ٿو ۽ ڪڏهن به ٻين جي مدد جي آسري نٿو رهي. گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا:-

”گورو پير سدائي منگڻ جائي،
تا کي مول نه لاگو پائي،
گهال کاءِ کڇ هٿون دي،
نانڪ راه پڇاڻه سي.“

(سارنگ کي وار محله ٤، ١٧-١٢٤٥)

(جيڪو پاڻکي گورو يا پير سڏائي ٻين کان ڀکيا وٺي

سگهندو. اهڙو ڪامل فقير روحاني راهه جو پليءَ پانت واقف هوندو آهي ۽ پنهنجي شرڌا ڳت جيون کي آخرين منزل تائين پهچائڻ جي شڪتي رکندو آهي. هو پنهنجي آتمڪ درشٽيءَ ذريعي ڄاڻي ٿو ته اهو مڪتيءَ جو سهاڳ ڪنهن جي ڀلائيءَ ۾ لکيل آهي.

هاڻي سوال اُٿي ٿو ته اهڙي پورڻ گوروءَ کي ڪيئن سڃاڻجي؟

١- اسان وانگر هو به هڪ ديهه ڌاري منش هوندو آهي ۽ پرڪرتيءَ جي سڀني نيمن جو پالن ڪندو آهي. هن سنسار ۾ هو ٻين ماڻهن وانگر جنم وٺندو آهي ۽ جنهن به ديش ۾ هو رهي ٿو، اُتي جي رواجن ۽ قانونن کي مڃي ٿو. هنجو لباس سادو سودو پر سندر، جنهن ڏانهن سادارڻ طور ٻين جو ڌيان نٿو ڇڪجي. ان هوندي به هنجي موهيندڙ شخصيت، اسيم ديا مهر، آتمڪ تيج ۽ ڪشش ڪندڙ سروپ جي ڪارڻ جيڪو به هنجي لهه وچڙ ۾ اچي ٿو انهن تي ڪافي پرڀاءُ پوي ٿو. هو جيتوڻيڪ هڪ سادارڻ منش آهي ته به لڳندو آهي اسادارڻ. هنجي موجوگيءَ ۾ سدائو شانتي پريم ۽ آنند جون لهرون اُٿنديون رهن ٿيون. پرمارٿ جا شائق ته هنجو انوکو سروپ ڏسي مٺس موهت ٿي پوندا آهن ۽ دل چوندي اٿن ته ديدار ڪندو ئي رهجي ۽ ائين سمجهندا آهن ته جنهن وستوءَ جي هنگي گهڻي عرصي کان تلاش هئي سا ملي اٿن.

ڪير آهي انهيءَ جو ٻي هو اُپديش ڪري ٿو. بائيبل
۾ لکيل آهي :—

" Verily, verily, I say unto thee, we speak that we do know, and testify that we have seen; and ye recevie not our witness. If I have told you earthly things and ye believe not, how shall ye believe, if I told you of heavenly things?"

(St. John iii, 11–12)

ارٿات: ”سچ پچ مان توکي اهو ڪيج چوان ٿو جو مان ڄاڻان ٿو ۽ جو مون خود ڏٺو آهي پوءِ به تون مهنجي وچن تي وشواس نٿو رکين. جڏهن مان توکي دنيوي ڳالهين جي باري ۾ چوان ٿو ۽ تون اُن تي ڀروسو نٿو رکين ته پوءِ مهنجي آڌياتمڪ وچنن تي تون ڪيئن وشواس رکندين؟“

٩ – هو اسانجي انتر آتما جي جاڳرتي آڻي ٿو ۽ جن جي اندر اها جاڳرتي اچي چڪي آهي انهن جي روحاني راه ۾ صحيح رهنمائي ۽ سهائتا ڪري ٿو.

"For what is a man profited, if he shall gain the whole world, and lose his own soul?"

(St. Matthew xvi 26)

يعني جيڪڏهن انسان ساري دنيا جي بادشاهي ۾ ڪٺي حاصل ڪري ته ڇا ورتو جيڪڏهن هن پنهنجي آتما جو ڪلياڻ نه ڪيو؟

١٠ – هو سنت مت جو پورو ماهر ٿيندو آهي، پورن

ٿو تنهنجي پيرن تي مٿو ٿي نه ٽيڪيو. اهو مهاتما جيڪو پاڻ ڪمائي ٿو، ۽ ڪجهه ساڌ سنگت جي سيوا ۾ خرچ ڪري ٿو سوئي روحاني راهه جو واقف ڪار ٿئي ٿو.)

٥- جهڙي طرح هوا، پاڻي ۽ روشني ۾ ڪرتيءَ جون نعمتون مفت آهن اهڙي طرح سچو گورو به پنهنجي اُپديش ۽ سيوا لاءِ ڪو به اُجورو نٿو وٺي. هو پنهنجي ششن مان ڪنهن به پيسا جي آشا نٿو رکي بلڪ پنهنجي ڪيل پر اُپڪار جو ذڪر به نٿو ڪري. حقيقت ۾ سچو گورو داتا ٿيندو نه ڪ منگتو.

٦- هو سيني جگياسن کي سمان درشٽيءَ سان ڏسي ٿو، ڀلي هو ڪٿي ڪنهن به جاتي، ڌرم يا ديش جا هجن. هنجو اُپديش به سيني لاءِ هڪجهڙو ٿئي ٿو.

٧- اهڙو گورو ٻين جي خانگي ڪمن ۾ ڪو به دخل نٿو ڏئي ۽ نه اهڙين ڳالهين کي ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. عام طور اسانجي نظر ٻاهرين روپ رنگ ڏانهن ويندي آهي پر ڪامل فقير جي نگاهه من ۽ دل تي رهندي آهي. هو ڄاڻي ڄاڻڻهار هوندي به اسانجي لڪل ويچارن ۽ ڀاونائن جي مٿان پردو نٿو کڻي.

٨- سچو گورو پورن گياني ٿئي ٿو ۽ ڪل مالڪ سان نه صرف ميلاپ ڪيو اٿس پر اسان کي به هن سان ملائي سگهي ٿو. هو روحاني راهه جو مڪمل طور واقفڪار آهي ۽ جيڪي ڪجهه هن انيڪ دوارن پراپت

دشمن اسانکي اناد ڪال کان گهيري رکيو آهي. صرف
شبد ابياس دوارا ئي انهن کي وڃي پراپت ڪري
سگهجي ٿي. رڳو نيتي سکيا جي اصولن تي هلي نيڪ
زندگي گذارڻ جڙ ٽانڊن جي مٿان رکڻ وجهڻي آهي.
جڏهن وشيه وڪارن ۽ ڪرمن جي آنڌي اچي ٿي ته
رکڻ اڏاميو وڃي ۽ ٽانڊا وري ڀڙڪن ارٿات ساڌڪ
انهن پنجن وڪارن جو وري شڪار ٿيو پوي. شبد جو
ابياس آهي انهيءَ آڳ جي مٿان پاڻي ڇنڪارڻ، جو
اگنيءَ کي شانت ڪيو ڇڏي.

١٣- پورو ستگورو ڪڏهن به پنهنجي مشهوريءَ لاءِ
ڪرامت نه ڏيکاريندو آهي پر جڏهن پرڪار هو پنهنجي
شش جي سهائتا ۽ سنڀال هن دنيا ۾ ڪري ٿو ۽ سندن
آتمائن کي ڪال جي پنجي مان ڇڏائي ۽ شبد سان جوڙي
پرماتما سان ملائي ٿو سا سڀ کان وڏي ڪرامت آهي.
انهيءَ کي عام سنساري لوڪ نڪو سمجهي ٿا سگهن ۽
نڪر ان تي وشواس ئي ٿا ڪن.

١٤- سچو گورو پنهنجي شوڪ جي هٿي رهنمائي
ڪري ٿو، نوري سروپ ۾ هنجي اندر موجود رهي
اندرين روحاني راهه طئه ڪرائي ٿو ۽ انت وٽي اوس
اچي هنجي سنڀال ڪري ٿو.

وشواس سان اُپديش ڪندو آهي ۽ اندر جي پرڪاش
مارگ، جتان آتما کي سفر ڪري پرماتما جو درشن ۽
ميلاپ ٿئي ٿو، انهيءَ جي ليکا کان خوبيءَ واقف
هوندو آهي. پورو گورو شبد سروپي ۽ شبد اڀياسي
هوندو آهي ۽ سرت شبد يوگ جي سکيا ڏيندو آهي.
هو شبد يا نام روپي خزاني جو خزانچي آهي ۽ انهيءَ
جو ئي پيغام سنسار کي ڏئي ٿو. شبد ئي گورو آهي،
شبد ئي اُپديش آهي ۽ شبد ئي مارگ آهي.

"And ths Word was made flesh, and dwelt among us, full of grace and truth"

(Lt. John i, 14)

(شبد ديھ ڌارڻ ڪئي ۽ دَيا ۽ سچ سان ڀرپور
اسانجي وچ ۾ رهيو)

ستن ۽ ڪامل فقيرن جن من ۽ مايا جي حدن کي
پار ڪري پريوءَ کي پاتو تن سڀني ڪيول نام يا شبد
کي ئي پريو پراپتيءَ جو سادن ڪري سمجهيو.

١٢ - مختلف ڌرمن ۾ جيڪي سداچار جا نيم ڏنل
آهن تن جي پالن کي سچو گورو به مهتو ڏئي ٿو چاڪاڻ
ته نيڪ پاڪ زندگي آتمڪ اُنتيءَ لاءِ اهم ضروري
آهي. سچي، صاف ۽ نرمل رهڻيءَ وارو ئي شبد ڌن
کي پڪڙي سگهندو ۽ شبد ڌن جي اڀياس بنا پورن
جي سدانتن جو پوري طرح پالن ڪرڻ مشڪل آهي.
ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه ۽ اهنڪار انهن پنجن

سي آيا آهن ۽ جيڪي سچيت ٿيو انهيءَ الاهي آواز کي ٻڌن ٿا سي سائينءَ ۾ سمائجن ٿا.

هڪ مسلمان ڪامل فقير مغربي صاحب فرمائي ٿو، ”ڍونڍهو پرانهن ڍونڍجي اندر آهي پر تون انهيءَ کان بيخبر آهين ۽ انهيءَ ڪري هنجي تلاش ۾ در بدر ڀٽڪي رهيو آهين.“ جنهن کي سجدو ڪرڻو آهي سو ڌڻي اسانجي اندر موجود آهي نه پوءِ مندرن مسجدن ۾ انهيءَ کي ڳولڻ بيڪار آهي. عام لوڪ ڌرم استانن ۾ مٿو ٽيڪن ٿا پر گياڻوان پرش خدا جي تلاش پنهنجي وجود روپي مسجد ۾ ڪن ٿا.

تلسي صاحب جن فرمائين ٿا ته ڪهڙي نه افسوس جي ڳالهه آهي ته انسان جو پاڻ قدرتي مسجد جو ساڪن (رهواسي) آهي سو نقلي مندرن ۽ مسجدن ۾ ڀٽڪي رهيو آهي!

”نقلي مندر مسجدن ۾ جاءِ صد افسوس هئا،
قدرتي مسجد ڪا ساڪن دک اناڙي ڪي ليئي.“

پيپا صاحب جن انهيءَ نقطي کي کولي سمجهائين ٿا ته سچو برهمانڊ انسان جي شرير اندر آهي ۽ جيڪو اندر ڳولهيندو سوئي پائيندو.

”جو برهمنڊ سو هي پنڊي جو کوجي سو پائي.“

صاف ظاهر آهي ته سنتن مهاتمائن جي انهن وچنن جو اعلي ارٿ اسين عام لوڪ نٿا سمجهون. اسانجو

٤- پرماتما جو مندر

اها ڪهڙي پرئوگ شالا (Laboratory) آهي جنهن ۾ سنتن جي هن سائنس جو تجربو ٿي سگهي ٿو؟

اها پرئوگ شالا آهي انسان جو شرير، جو ئي پرماتما جو سچو مندر آهي.

جن ماڻهن جا اندريان نيتر بند آهن سي ئي ٻاهرين مندرن، مسجدن، گرجن ۽ گردوارن ۾ پوڄا ڪن ٿا. پر جن جو انيو کليو آهي سي منش شرير کي ئي سچو مندر سمجهن ٿا ۽ انهيءَ ۾ کوج ڪري پرماتما کي پائين ٿا. بائيبل ۾ لکيل آهي:—

"Ye are the temple of the living God."
(2 Cor. vi, 16)

(توهين زنده پرماتما جو مندر آهيو.)

گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا:—

"اچي خاصي محل دي ديوي ٻانگ خدائي.
سني ٻانگ نه سڻ سڪي، رهيا خدا جڳائي؛
سني پئي نياگ شب سڻي نه ڍانگان ڪوئي.
جو جاڳي سوئي لهي سائين سندي سوئي."

ارٿات: خدا انسان جي شرير روپي مسجد ۾ ٻانگ پيو ڏئي پر جيڪي اگيان جي ننڊ ۾ ستل آهن سي انهيءَ ٻانگ کي نٿا ٻڌن جيستائين خدا نه جاڳائي پيو. اهڙا جيو جي انهيءَ آواز يعني انحد شبد کي نٿا ٻڌن

انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ سڀ کان آسان طريقو آهي سمرڻ، ڇاڪاڻ ته سمرڻ جي عادت قدرتي هر هڪ انسان ۾ آهي. جڏهن سمرڻ ذريعي خيال سنسار مان هٽي ٻنهي نيترن جي وچ ۾ ٽڪي ٿو ۽ لڏهن ساڌڪ جو شرير سن ٿيڻ لڳي ٿو جڏهن چيتن ستا سڄي شرير مان هٽي ٿي ته پوءِ ستسنگي نون دوارن جون حدون طئي ڪري اندر داخل ٿئي ٿو جتي تيسري تل ۾ هنڪي گوروءَ جي نوري سروپ جو درشن ٿئي ٿو. اهو سروپ ستگورو هر هڪ شش جي اندر دڪشا (Initiation) جي وقت رکي ٿو. سمرڻ اسانکي انهيءَ کان وڌيڪ مٿي چڙهائيءَ ۾ سهائتا نٿو ڪري.

مولانا روم صاحب فرمائي ٿو:—

”اي ساڌڪ! هن استول شرير کانسواءِ توکي ٻيو به سوکيم شرير آهي. تنهنڪري هن جڙ شرير مان نڪرڻ کان نه گهٻراءِ.“

شمس تبريز جو ڪلام آهي:—

”جڏهن تون پنهنجو منهن هن سنسار کان موڙي اندر ويندين ته تون لامڪان جي حد پار ڪري ٽئين دنيا ۾ داخل ٿيندين.“

قرآن شريف ۾ به فرمايل آهي:—

”موتو آقبل آنتا مرتو.“

يعني- مرڻ کان اڳ ۾ مرو.

شرير هڪ عجيب محل آهي، سڄي سرشٽيءَ جو هڪ ننڍڙو روپ آهي. انهيءَ ڪري مهاتمائن برهمانڊ کي "عالم ڪبير" ڪري سڏيو آهي ۽ انساني شرير کي "عالم صغير." "عالم ڪبير" کي صرف "عالم صغير" دوارا ئي سمجهي ۽ ڀائي سگهجي ٿو. اهڙيءَ دوارا شرير جي نون دوارن جي حدن کي ڇڏي ساڌڪ نوان ۽ سوکيم لوڪ ڏسي ٿو ۽ آتم گيان جو انوکو خزانو حاصل ڪري ٿو ۽ آخر وڃي ڪل مالڪ ۾ سمائجي ٿو جنهن هيءَ سڀ رچنا رچي آهي.

۵- ڀنهجي اندر جهاتي ڪيئن پائجي؟

انهيءَ شرير روپي مندر ۾ پرويش ڪيئن ڪجي؟ اهو صرف تڏهن ممڪن آهي جڏهن ورتيءَ کي ايڪاگر ڪري خيال کي شبد سان جوڙبو. اهو شبد هر هڪ انسان جي اندر هر وقت گونجي رهيو آهي.

جيڪڏهن سنتن جي اپديش انوسار نام جي ڪمائي ڪجي ته من سنسار جي وشين وڪارن، جهنجهٽن ۽ چنتائن کان آزاد ٿي مٿين روحاني منڊلن جو سير ڪري سگهندو. انهيءَ لاءِ ضروري آهي ته اسين شرير روپي مندر ۾ داخل ٿي هن استول سنسار جي حدن کي پار ڪريون.

شوق، لکين ۽ محنت تي منحصر آهي. نام جي ڪمائي
گهر ٻار ۾ رهندي ٻا ڄتي ٻ ڪرمن انوسار مالڪ رکي
آڏي ٿي سگهي ٿي. انهيءَ اپياس لاءِ ڪنهن مت،
آشرم، يا غفا جي ضرورت نه آهي ۽ نڪو سنياسي
ٻڻجڻ جي. شبد جو اپياس امير غريب، ننڍو وڏو
ڪنهن به ذات يا ڌرم جو ماڻهو ڪري سگهي ٿو. سڀ
کان وڏي ڳالهه ته ڪلجڳ جي حالتن مطابق انهيءَ کان
وڏو ڪو سرل ۽ ڪارگر ٻيو ڪو به ساڌن ڪونهي.

جيڪڏهن اسين سنتن جي هن مارگ کي سمجهي
اپنائينداسين ته اسان لاءِ روحاني دولت جو هڪ اپار
ڀنڊار کلي سگهي ٿو. نام جي ڪمائي ڪرڻ سان اسانکي
نه صرف پنهنجي پاڪ ٻين جي به ڄاڻ پوي ٿي ۽ پوءِ
ٿي اسانکي پتو پوي ٿو ته ٻين جي باري ۾ راءِ ڏيڻ
يا هنن جي اعمالن تي نڪته چيني ڪرڻ جو اسانکي ڪو به
حق ڪونهي. سنتن جي شرڻ وٺي ساڌنا ڪرڻ کانپوءِ
ٿي جگياسو محسوس ڪري ٿو ته هن سنسار ۾ اڪثر ته
سوارٿ ڀريل آهي جو نام ۽ گورو کانسواءِ ٻيو ڪو به
متر ڪونهي. هو انهيءَ کانپوءِ ٿي پنهنجي گناهن جو
پڇتاءُ ڪري نماز ۽ نڙت ڌارڻ ڪري ٿو.

گورو نانڪ صاحب جي ٻاڻي آهي:-

مئيان جت ڪر جائيئي.

تت جيونديان مر مار.

(سري راڳ محلا ١، ٢-٢١)

يعني جتي موت کان پوءِ وڃڻو اٿيئي اُتي جيئرائي مري پهچ.

جڏهن جگياسو اڀياس ڪري اندر وڃي ٿو تڏهن انکي گوروءَ جي ديا، شان ۽ شڪتيءَ جي سوجهي پوي ٿي. پوءِ هنجو وشواس من ٻڌيءَ جي سهاري نه، بلڪ انڀو جي پڪي پيڙهه تي اَڏيل رهي ٿو.

هرڪو پنهنجي ڪم ڪار ۽ گهر ٻار جي باري ۾ پيو سوچي ۽ من ۾ پيو انهنجو سمرن ڪري. سنت مهاتما انهيءَ قدرتي هير جو فائدو وٺي اسانجي ورتي انترمک ڪرڻ لاءِ اسانکي نام جي سمرن ڪرڻ جي هدايت ڪن ٿا.

نام ڏيڻ وقت ستگورو پنهنجي شش کي سمرن جي جگتي چڱيءَ طرح سمجهائيندو آهي. سمرن هڪ سيواڪ، سرل ۽ سرٻشت ساڌن آهي ۽ ڪنهن به خطري کان خالي آهي. پراڻايام کانسواءِ ٿي سمرن سهج سڀاءُ ٿي سگهي ٿو ۽ انهيءَ ڪري جپ تپ ۽ هٺ يوگ جي ڪٺن ساڌنن جي ضرورت نٿي رهي.

سمرن دواران نو دوار ڇڏي ڪري شو نيتر تائين پهچڻ ۾ مهنا، سال، يا سڄي زندگي لڳي سگهي ٿي. اهو اسانجي

"The grass withereth, the flower fadeth; but the Word of our God shall stand for ever."

(Isaish xi, 8)

"آد ۾ شبد هو ۽ شبد پرماتما وٽ هو ۽ شبد ئي پرماتما هو."

"گاهه سڪي ٿو وڃي، گل ڪومائجي ٿو وڃي پر پرماتما جو شبد سدائين امر رهندو."

انهيءَ شبد کي ئي بائيبل ۾ "Holy Spirit" يعني "پوتر آتما" سڏيو ويو آهي ۽ انهيءَ شبد ڏانهن ڪي ٻڪڙا سان انترمک روحاني اُنتي ممڪن آهي.

شاهه نياز جو ڪلام آهي، "سڀني عالم ۾ اهو الاهي آواز گونجي رهيو آهي، انهيءَ کي ٻڌڻ لاءِ اندر جا ڪن کول. جڏهن تون انهيءَ کي ٻڌندين ته تون مَن ۽ مايا جي ڌڻن کي پار ڪري ويندين. تنهنجو پريتم هر وقت توسان رهاڻ پيو ڪري پر افسوس تون هن جي گفتار نٿو ٻڌين."

شبد جو ذڪر گهڻو ڪري سڀني ڌرم پستڪن ۾ آهي. فرق صرف ايترو آهي ته جنهن مهاتما جي جيتري مٿين منڊلن ۾ رسائي هئي اوترو ئي هن انهيءَ باري ۾ ذڪر ڪيو آهي ۽ انهيءَ جو پتو سندس ٻاڻيءَ يا وچن مان پوي ٿو.

جنهن وقت پورو گورو نام ڏئي ٿو، تنهن وقت هو پنهنجي شش کي شبد سان جوڙي ٿو ۽ هن کي شبد ڏانهن

٦- نام يا شبد جي ڌن

سيني ڌرم پستڪن ۾ نام يا شبد ڌن جو ذڪر ٿيل آهي ليڪن افسوس آهي جو اسين انهيءَ جو صحيح ارٿ نٿا سمجهون. هندو انهيءَ کي "انهد شبد" "آڪاش واڻي" يا "شرتي" ڪوٺين ٿا. چندوگيه ۽ منڊڪ اُپنشدن ۾ انهيءَ کي "اُدگيت" سڏيو ويو آهي. ناد بندو اُپنشد ۾ به شبد جي اپياس جو اشارو آهي. سکن جي گرنٿ صاحب ۾ انهيءَ کي "نام" "ڌن" "سچ" "انهد" "باڻي" "گور باڻي" "شبد" آدي نالن سان ياد ڪيو ويو آهي. مسلمان انهيءَ شڪتيءَ کي "ڪلمو" يا "ڪلام الاهي" "ندائي آسماني" "اسم اعظم" يا "سلطان ال اذڪار" ڪوٺين ٿا. پراچين يوناني فيلسوفن انهي کي "Logos" ڪري ورنن ڪيو آهي. مهاتما سقراط لکي ٿو ته هن هڪ اهڙو غيبي آواز ٻڌو جو هنکي الوڪڪ روحاني منڊلن ۾ کڻي ويو. زردشت انهيءَ کي "سروشا" ٿياسافيءَ وارا انکي "Voice of silence" ڪوٺين ٿا. انهيءَ کي "شڌ نرمل سنگيت" ۽ "الاهي موج سان لڳندڙ هوا" به ڪوٺيو ويو آهي.

"In the begining was the Word, and the word was with God, and the Word was God."

(St. John i, 1)

٧- نام دان لاءِ ڪجھہ شرط

نام دان کان اڳ سنگورو ڪي شرط وجهي ٿو جن کي روحاني ترقيءَ لاءِ نباھڻ بلڪل ضروري آھي.

١. نيڪ ۽ پاڪ زندگي وليت ڪرڻ.

"Blessed are the pure in heart for they shall see God." (St. Metthew v, 8)

"The integrity of the upright shall guide them." (Prov. xi, 3.)

يعني "اھي لوڪ ڌن آھن جنجو ھردو شڌ آھي ڇاڪاڻ تہ اُھيئي مالڪ جو مشاھدو ماڻيندا."

"نيڪ ماڻھن جي نيڪي اُي ھنجي رھنمائي ڪندي."

٢. ماس، مڇي، آنڊا يا انھن مان ٺھيل شين جو استعمال نہ ڪرڻ.

٣. شراب ۽ ٻين نشيدار شين کان بچڻ.

اھي شرط شش جي اُنتيءَ جي خيال کان لڳايا ويندا آھن ڇاڪاڻ تہ "جھڙو کائبو اَن تھڙو ٿيندو مَن." ماس کائڻ معنيٰ ڪنھن جيو جي ھنسا ڪرڻ. ننھن ڪري انھيءَ مان من جي ڪٺورتا وڌي ٿي ۽ انھيءَ پاپ جي سزا بہ ڀوڳڻي پوي ٿي. ٻين سمرن جي ترقيءَ ۾ اھي ناسڪ شيون ڀاري رڪاوٽ وجھن ٿيون. سر جيو آنڊا (Fertile eggs) کائڻ ۾ جيو ھتيا آھي؛

ٻڌڻ جي شڪتي بخشي ٿو. جڳن جڳن کان اسين چوراسيءَ جي چڪر ۾ ڦٿڪي رهيا آهيون ۽ اگياني ۽ انڌا ٿي پنهنجي وات وڃائي ويٺا آهيون. نه اسانکي پنهنجي پاڻ جي ڄاڻ آهي ۽ نه پرماتما جي ۽ شبد جي سڌ کان اسين بلڪل بيخبر آهيون. جڏهن گورو دکشا ڏئي ٿو تڏهن اها حالت تبديل ٿئي ٿي ۽ اسين شبد ڌن کي پڪڙي پنهنجي اُپائنهار سان ملي سگهون ٿا.

جڏهن پهريان انهيءَ شبد ڌن کي ٻڌجي ٿو ته نهايت ڌيمي ۽ باريڪ ٻڌڻ ۾ اچي ٿي پر آهستي جيئن چت جي ايڪاگرتا وڌي ٿي تيئن اها ڌن وڌيڪ صاف، بلند ۽ سريلي ٻڌڻ ۾ اچي ٿي.

ليڪن افسوس انسان ڏيهه ۽ انهي واشنائن ۾ ايترو ته ڦاسي ويو آهي جو هو شبد کي ٻڌي نٿو سگهي. ڀلي ڪٿي ڪو ڪهڙو به چتر ۽ سياڻو هجي، پوري گوروءَ جي هدايت بنا شبد ٻڌڻ محال آهي. من ۽ مايا جي طوفاني ساگر مان ڪڍي پريتم جي ديش ۾ پهچائڻ جي شڪتي صرف شبد ۾ آهي. گوروءَ بنا شبد هٿ نه ايندو ۽ شبد بنا مڪتي نه ٿيندي. اهو ئي سنت مت جو سار آهي.

ٻين سڀن کي وقت ڏئي. احساس اهو ضروري آهي
ته ٻه ٽي ڪلاڪ جڏهن اسانجي ڪرمن جو حساب
ڪتاب کڻي ويندو تڏهن اسانجو ڪم ٻين سڀن ٿي
اسانجي سهائتا ڪندو. نام جي ڪمائيءَ دوران ئي
اسين سنسار جي موهه ۽ ممتا کي ڇڏي پنهنجي اندر
جهاتي پائي سگهون ٿا.

هتي هڪڙو چتاءُ ڏيڻ ضروري آهي. هي مشق
ڇولو صرف پريو پراپتيءَ لاءِ مليو آهي ۽ پرماتما سان ملڻ
لاءِ اهو ضروري آهي ته اسين پنهنجي سڀني ڪرمن
جو حساب چڪايون، من جي وڪارن تي وجيه پايون
۽ پنهنجو پاڻ سڃاڻون. انهيڪري اهو ممڪن آهي ته
نام وٺڻ کانپوءِ هڪ طرف ته من کي سمجهائيندڙ خيال
۽ ٻئي طرف سماج ۽ سنبنڌين جي مخالفت ۽ نندا، ستسنگيءَ
جي رستي ۾ رڪاوٽون بڻجن. پر انهن جو همت سان
مقابلو ڪرڻ کپائي. جي اسين اهو ياد رکنداسين ته
همت سان اڀياس ڪري اسين آتم گيان، مڪتي ۽
پنهنجي منزل جي نزديڪ پهچي رهيا آهيون ۽ خاص
طور جي من ۾ اهو وشواس هوندو ته ستگورو اسان سان
انگ سنگ آهي، اسانکي دم دم ۾ جاچي رهيو آهي
۽ هر مصيبت ۾ اسين هن جي مدد لاءِ هٿ ڦهلائي
سگهون ٿا ته پوءِ اسين سڀني تڪليفن کي سهي سگهنداسين
بلڪ هر مخالفت ۽ مصيبت جو سواگت ڪنداسين.

نر جيو آنڊا (Imfertile eggs) به تامسڪ کاڌو آهي جنهن مان من جا وڪار وڌن ٿا. شراب ۽ تماڪ به ساڌن جي سنجم ۾ وگهن وجهن ٿا، ۽ سنجم بنا پرمارٿ ۾ اُنتي نٿي ٿي سگهي.

پر زنده رهڻ لاءِ کاڌو کائڻ ضروري آهي. اَناج، دال، سبزي، ميوو، مکڻ، ونسپتي تيل، کير ۽ کير مان ٺهيل شين کي صحيح نموني سان ملائي کائڻ سان سوادي ۽ قوت بخش ڀوڄن ٺهي سگهي ٿو، جنهن ۾ پروٽين، سٽيپ، نشاستو، قدرتي نمڪ ۽ وٽامن ڪافي اَنداز ۾ پراپت ٿيندا. چانهه، ڪافي ۽ ڪوڪو به ٿوري اَنداز ۾ ڪم آڻي سگهجن ٿا.

سبزي، ميوي وغيره ۾ به جيو آهي انهيءَ ڪري انهن شين ورتائڻ سان به ڪرم لڳي ٿو. ونسپتيءَ ۾ ڇاڪاڻ ته صرف هڪ تت پرڌان آهي تنهنڪري انهيءَ جو پاپ گهٽ ۾ گهٽ آهي پر شبد سيڌي پاڻ کي ناس ڪرڻ واري شڪتي آهي. تت نيم شبد جي ڪمائي ڪرڻ سان اهو معمولي قرض آسانيءَ سان لهي سگهي ٿو.

هن استول منڊل ۾ ڇاڪاڻ ته جيو جي خوراڪ جيو آهي تنهن ڪري سنتن مهاتمائن جو اُپديش آهي ته ڀوڄن اهڙو هئڻ کپي جو آتمڪ اُنتيءَ ۾ رڪاوٽ نه وجهي.

گورو پنهنجي هر هڪ شش کي هدايت ڪندو آهي بلڪ هن مان اُميد رکندو آهي ته هر هر روز تت نيم

٨- ڪرم

ڪرم لفظ جو سنسڪرت ارٿ آهي ڪم ڪرڻ. ڪرم جو سدانت اهو آهي ته جهڙو ٻج اسين پوکي آيا آهيون اهڙو ئي فصل اسين هينئر لڻي رهيا آهيون ۽ جهڙو ٻج ڇٽينداسين اهڙو فصل اڳتي ڪٽينداسين.

انهيءَ وگيان جي اڀياس ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته ڪرم ۽ پنر جنم انهيءَ سدانت تي بيٺل آهي ته اسانجا هن جنم جا تجربا ۽ ڪارنامه اڳئين جنم جي حالتن جو نرڻئه ڪن ٿا. اڄ اسين جنهن به سٺي يا خراب حالت ۾ آهيون اها، اسانجي پرالبڌ جي چڱي يا بد ڪرمن جي ڪارڻ آهي. منش جنم اسانجي واسطي مڪتي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ انمول موقعو آهي.

ڀلي ڪٿي ڪو ڀاڳيوادي چوي ته هي سنسار ڀاڳ جو کيل آهي پر انهيءَ ڳالهه ۾ سچائي ناهي. ڀاڳيواد جو مطلب آهي سڀ ڪجهه قسمت جي حوالي ڪري ڪو به ڪم نه ڪرڻ پر جئين مٿي لکيو ويو آهي ته ڪرم جو مطلب آهي ته ڪاريه ڪرڻ. اڄ جيڪي ڪجهه اسين آهيون سو اسانجي پورب ڪرمن جو نتيجو آهي ۽ اڳتي جيڪي ڪجهه اسين ٿيڻ چاهيون ٿا سو اسانجي موجوده خيالن، ڪيل ڪمن ۽ ڪوشش تي منحصر آهي. انهيءَ ڪري ڀاڳيواد جي ڪرمن جي سدانت ۾ ڪا جڳهه ئي ڪانهي.

ڪبير صاحب فرمائين ٿا:-

”ساڌ ڪا کيل تو ٻکٽ بيڙا مٿي،
ستي اور سورکي چال آگي.
سور گھمسان هہ پلڪ دو چار ڪا،
ستي گھمسان پل ايڪ لاگي.
ساڌ سنگرام هہ رئن دن جوجھنا.
ديھہ پر جتن ڪا ڪام ڀائي.
ڪبير ٽڪ باڳ ڍيلي ڪري،
الٽ من گگن سي جمي آئي.“

ارٿات- جڏهن سورمو جنگ جي ميدان ۾ اچي ٿو ۽ ڪانئر پوئتان پير ڪري ڀڄي ٿو. ستيءَ جي ڪوجهيءَ جي لڙائي ستيءَ ۽ سورمي جي لڙائي کان وڌيڪ لنبي ۽ ڪٺن آهي. سورمو ۽ ڪجھ گھڙين لاءِ لڙي ٿو ۽ ستي ڪجھ پلن ۾ ئي جلي ڀسم ٿي وڃي ٿي. ليڪن ساڌڪ جو سنگرام من، مايا لوڀ لاچ ۽ نندا آديءَ سان رات ڏينهن جاري رهي ٿو يعني جيستائين هو جيئي ٿو ليستائين هنجي لڙائي بند نٿي ٿئي.

جو آهي. نيڪ يا بد ڪرم ڪرڻ انسان جي اختيار
آهي ليڪن هڪ دفعي جڏهن ڪرم ڪجي ٿو ته ان
جو نتيجو ضرور ڀوڳڻو پوي ٿو.

اسانجا پورب جنم جا ڪرم پرالبڌ جي روپ ۾
اسانجي موجوده زندگيءَ جي ڀاڱي ڪي ٺاهين ٿا ۽
اسانجي اندر اهڙيون اڇائون ۽ واشنائون پيدا ڪن ٿا
جنڪي پوري ڪرڻ لاءِ اسين اهڙا ڪرم ڪريون ٿا جي
جيتوڻيڪ اسانجي مرضيءَ خلاف هوندا آهن ته به ڪرڻا
پوندا آهن چاڪاڻ ته انهيءَ پرڪار ئي پورب ڪرمن
جو حساب ڪتاب اَدا ٿئي ٿو. پنهنجي ڪيل ڪرمن جو
نتيجو ڀوڳيندي به اسين انهيءَ ڏس ۾ آزاد آهيون ته
اڳتي لاءِ ڪهڙي ڪرم جو ٻج پوکيون. پر پرالبڌ ۽ ڪريمان
ڪرم پاڻ ۾ اهڙا ته جڙيل آهن جو سندن ڇاڻ ڪرڻ
ڏکي آهي ۽ صرف ابياس دوارا جڏهن انترڪ جاڳرتي
ٿئي ٿي تڏهن ئي انهيءَ ڀيد جي سوجهي پوي ٿي.
انهيءَ هوندي به ٻنهي قسمن جي ڪرمن جي هن طرح
ڪجهه پرک ٿي سگهي ٿي ته جڏهن بنا چاهي ۽ ڪنهن
به ڪوشش ڪرڻ کانسواءِ اسانکي سهج سڀاءَ ڪا چيز
ملي ته سمجهڻ کپي ته اهو پورب جنم جو ڦل آهي ۽
جنهن لاءِ اسانکي پرتن ڪرڻو پوي ٿو سو نئون ڪريمان
ڪرم آهي.

ڪرمن جي ٽئين قسم کي "سنچت ڪرم" چئجي
ٿو. جهڙي طرح هاري پنهنجي فصل ۾ گدارو ڪندو

ڪرمن جي قانون کي جاچڻ سان پتو پوي ٿو، ته پرالبڌ جي ڪارڻ جيڪي ڪجهه ٿي رهيو آهي، ان مان اسين ٻن قسمن جو لاڀ وٺي سگهون ٿا:—

١. اسين پنهنجي سک دک جي انهيءَ مان فائدو وٺي پنهنجين ڪمزورين کي هٽايون.

٢. جيڪڏهن اسين اڄ ڏنوان ۽ سکي آهيون ته ڏهن ٻ د ٻنتا ۽ نمرتا ڌارڻ ڪريون ڇاڪاڻ ته من ۾ اهو سوچڻ کپي ته جي هينئر ڪو برو ڪرم ڪيوسين ته اڳتي هلي انهيءَ جو نتيجو ڀوڳڻو پوندو ۽ اهو وڃاري پنهنجي لاء ناداني‌ءَ وچان دکن جو سامان کٺو نه ڪريون.

اسانجي سنساري پدارٿن ۽ سکن جي پويان ڊوڙ ڊک اسانکي اترو ته منجهائي ۽ پريشان ڪري ڇڏيو آهي بلڪ اترو ئبل ۽ محدود ڪري ڇڏيو آهي جو ڪڏهن وهي وڃاريون نٿا ته اسين هن سنسار ۾ ڇو ۽ ڪيئن آياسين؟ ڪرمن جو سلسلو نهايت پيچيدو آهي ۽ صرف جاڳرت ۽ چيتن آتمائون ئي انهيءَ کي ڏسي ۽ سمجهي سگهن ٿيون.

ڪرم ٽن قسمن جا آهن، ڪريمان، پرالبڌ ۽ سڃت.

ڪرم ڪرڻ آهي ٻج ڇٽڻ. ڪسان جهڙو چاهي اهڙو ٻج ڇٽي سگهي ٿو پر هڪواري ٻج پوکڻ کانپوءِ هنجو ڪو اختيار نٿو رهي. سمي انوسار هڪي پنهنجي لڳايل فصل کي لڻڻو ئي پوندو. اهوئي حال ڪرم روپي ٻج

ڇا ڪرمن جي انهيءَ مها ڄار مان نڪرڻ جو ڪو رستو بہ آهي؟ ضرور آهي.

سوامي جي مهاراج جن اُپديش ڪن ٿا تہ سچو گورو ۽ شبد ٻئي تنهنجا سچا متر آهن انهيءَ ڪري ٻين ٻيا ساڻن ڇڏي پاڻ کي انهن جي سپرد ڪر.

”گورو اور شبد يهي دو ميت،
نهي ڪوئي اور ان ڌر چيت.“

(سوامي جي مهاراج)

گورو ۽ شبد ٻئي دَيال جو سروپ آهن ۽ جيو آتمائن کي ڪرمن جي ڄار مان ڪڍڻ لاءِ ست لوڪ مان اچن ٿا. جيڪڏهن اسين انهن جي سرن وٺنداسين، انهن سان پريم ڪنداسين ۽ سندس حڪم جي پوئواري ڪنداسين تہ هو اسان کي ڪرمن جي قيد مان آزاد ڪري ڪال جي دائري کان مٿي ست لوڪ وٺي هلندا.

جڏهن جگياسوءَ کي ستگورو دَيا ڪري سويڪار ڪري ٿو ۽ نام دان بخشي ٿو تہ هن کي جڳائي تہ پنهنجو تن ۽ من ستگوروءَ جي اَمانت سمجهي ورتي. ائين ڪرڻ سان هن جا سڀ ڪارج گورو جي نمت ٿيندا ۽ ڏهري ڏهري نرموهي ٿي ڪم ڪرڻ هن جو سهج سڀاءُ ٿي پوندو. ان سان گڏو گڏ جيئن جيئن هو ڀڄن سمرن کي وقت ڏيندو ويندو تيئن تيئن هن جي ورتي اڪاگر ۽ اَنترمک ٿيندي ويندي ۽ هو نهڪرم ٿيندو ويندو. ڪرم ڪندي بہ هو ڪرم جي ڦل ۽ اثر کان نيارو رهندو.

آهي، جي اناج کپت کان وڌيڪ هوندو انَس ته اوکيءَ وقت لاءِ ڪجهه پاسيرو ڪري رکندو آهي. اهو مثال اسانجي ڪرمن سان ٺهڪي اچي ٿو. انسان جيڪي ڪرم زندگيءَ ۾ ڪري ٿو تن مان ڪجهه پرالبڌ جي روپ ۾ هن کي ايندڙ حياتيءَ ۾ ڀوڳڻا وڃن ٿا؛ باقي بچيل سنچت ڪرمن جي حساب ۾ جوڙڻا وڃن ٿا. ڪال ڀڳوان اهو سلسلو انهيءَ لاءِ ٺاهيو آهي ته جي ڪنهن به وقت جيو جا ڪرمان؛ پرالبڌ ڪرم ختم ٿي وڃن (جو قريب ناممڪن آهي) ته سنچت ڪرمن جي ڀنڊار مان ڪرم ڪڍي هنکي جنم ڏنو وڃي جيئن آتما ڪنهن به صورت ۾ سنڌس دائري کان نڪري نه وڃي.

اهو ڪرمن جو صرف مختصر ورنن آهي پر حقيقت ۾ اها جار اهڙي پيچيدي آهي جنهن ۾ سنسار جا سڀ جيو ڦاٿا پيا آهن؛ جنهن مان ڇوٽڪارو پائڻ محال آهي. اسين عام طور جيڪي سادن مڪتي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪريون ٿا سي اسانکي ڪرمن جي جار مان نجات نٿا ڏيئي سگهن. گرنٿ پوٿين جو پڙهڻ، ڪيرتن، مورتي پوڄا، ڪرم ڌرم، جپ تپ، تيرٿ ياترا، دان پن، اهي سڀ نيڪ ڪرم آهن پر ڪرمن جي بندن کان آزاد نٿا ڪري سگهن. انهن نيڪ ڪرمن جو ڦل وٺڻ لاءِ دنيا ۾ وري اچڻو پوي ٿو؛ جي سرڳ؛ ويڪنٺ مليو به ڪٿي ته به معياد پڄاڻان وري واپس دنيا ۾ جنم وٺڻو پوندو.

ڪنول ۾ پهچي ٿو ته اتي هن کي پنهنجي ستگوروءَ جو
نوري درشن ٿئي ٿو. پر اهو صرف تڏهن ممڪن آهي
جڏهن ڪنهن موجوده زنده مهاتما جي شرڻ وٺي
هن جي هدايت انوسار شبد جي ڪمائي ڪبي. اهڙي
مهاتما کي اسين ڏسي سگهون ٿا ۽ ساڻس ڏک درد
اوري سگهون ٿا ۽ جڏهن ستسنگي گوروءَ کي پنهنجي
اندر پرگهٽ ڪري ٿو ته پوءِ هو ساڻس سچي روحاني
سفر ۾ انگ سنگ رهي ٿو ۽ جيستائين پنهنجي شش
کي ڌر ڌام نٿو پهچائي تيستائين دم نٿو پٽي.

پوري گوروءَ جي شش لاءِ موت جو ڀؤ بلڪل نٿو
رهي ڇو ته هو جڏهن ابياس دواران شرير خالي ڪري
ٿو يا پد ۾ پهچي ٿو ته هو در اصل جيئري مري ٿو ۽
پنجي ڪٽي ته موت لئي وجهه پائي ٿو.

پوري گوروءَ جي هڪ ٻي به وشيشتا آهي. جڏهن
شيوڪ جو آخري وقت اچي ٿو ۽ جي ان وقت سندس
من ۾ ڪا سنساري اڇا ناهي ته ستگورو هن کي ٻيو جنم
نه ڏيندو. پنهنجي ديا سان هن کي مٿي ڪنهن منڊل تي
(جتي هو مناسب سمجهي) وهاري ٻين سمرن ڪرائيندو.
اهڙي طرح جنم مرڻ کان ڇٽي ستسنگي پنهنجي ستگوروءَ
جي رهنمائيءَ ۾ روحاني سفر طئه ڪري ستپرش جي
دربار ۾ پهچي ٿو. مطلب ته سچي گوروءَ جو شيوڪ نام
ملڻ کانپوءِ ڪڏهن به اڪيلو نٿو رهي. ستگورو هن جو نه
صرف هتي بلڪ پرلوڪ ۾ پڻ نگهبان رهي ٿو. گورو هڪ

اهڙو پريمي جڏهن پنهنجي جيون يـاترا ختم ڪندو تڏهن هن جي پرالبڌ به ان سان گڏ ختم ٿي ويندي؛ ڪوبه ڪريمان ڪرم هن جي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ وجهڻ لاءِ رهندو ئي ڪونه.

جنهن وقت سنت ستگورو شيوڪ کي نام دان بخشي ٿو انهيءَ وقت هن جي ڪرمن جو ليکو ڌرمراءِ کان وٺي پاڻ وٽ رکي ٿو. باقي وڃي سنچت ڪرم بچن ٿا جي مٿين منڊلن لي وڃي شبد اڀياس ڪرڻ سان ختم ٿي وڃن ٿا؛ ستسنگي پنهنجي نج ڌام ۾ پهچي ٿو.

٩- ثابتي

هن کان اڳ ذڪر ڪيو ويو آهي ته هن آلمڪ وگيان جي سچائيءَ جي پرک هرهڪ انسان ڪري سگهي ٿو. جن ثابتين جو ذڪر مٿي ڪيو ويو آهي سي آهن:-

١. هرڪو ساڌڪ اڀياس ذريعي مٿين روحاني منڊلن جي رسائي حاصل ڪري سگهي ٿو.

٢. ساڌڪ دواران انهد شبد کي پنهنجي اندر ٻڌي اپار آنند جو انڀو ڪري سگهي ٿو.

سڀ کان وڏو پرمان هي آهي ته جڏهن ساڌڪ اڀياس ڪري نون دوارن مان خيال ڪڍي سهنس دل

جو مثال ائيان رکي اسين پرمارٿي اُنتيءَ جي راهه ۾ قدم اڳتي وڌائي سگهون ٿا. جاڪاڻ تہ سيني ڪامل ماڻهن جي سکيا ۾ سچائي موجود هئي آهي پر عام دنيا جا مت ۽ مذهب انسان جا ٺاهيل آهن جن کي ماڻهن پنهنجي سوارٿ ڪارڻ مهاتمائن جي اعليٰ تعليم کان خالي ڪري ڇڏيو آهي. انهن مت متانترن جا بنياد رکندڙ مهاتما اڄ موجود نہ آهن، جي انهن ڌرمن جي سچائيءَ جي تصديق ڪري سگهن. عام ڏٺو ويو آهي تہ ڪمائي وارن سنتن جي سکيا پرمن ۽ ڌارمڪ ڪرتين جي خلاف ٿيندي آهي. انهي ڪري سندن وڇڙڻ کانپوءِ سوارٿي لوڪ انهيءَ جو اعليٰ روپ ئي بدلي ڇڏيندا آهن. روحانيت جي ذاتي تجربي لاءِ ضروري آهي تہ اسين ڪنهن رسائيءَ واري مهاتما جي کوج ڪريون جنهن مالڪ سان ميلاپ ڪيو هجي جاڪاڻ تہ هو پنهنجي انڀو دواران ڀروسي ۽ وشواس سان جڳندي ڏئي، سهائتا ڪري سگهي ٿو. موجوده گوروءَ کان نام دان وٺڻ ۽ ڪنهن ڌرم جي سڌانتن جي ٽيڪ وٺڻ ۾ اهو ئي مکيہ فرق آهي.

٢- جا مان ڪرائيسٽ يا ڪنهن ٻئي ماضيءَ جي مهاتما کي مڃيندي بہ وقت جي دڳهہ ڌاري گوروءَ جي شرن وٺي سگهان ٿو؟

جواب- وقت جي گوروءَ جي شرن وٺڻ سان ڪو اسين ڪرائيسٽ يا ڪنهن ٻئي پراچين مهاتما کي ڇڏيون ڪونہ ٿا. سنت مت انادي آهي ۽ حال، ماضيءَ ۽

اهڙو انوکو مت آهي جو جيڪڏهن شش ڪيس ڇڏي ۽ ڏئي ڇڏهن ته هو شش کي نٿو ڇڏي.

"نانڪ ڪچڙيان سين توڙ،
ڍونڍ سڄڻ سنت پڪيان؛
اوءِ جيوندي وڇڙن،
اوءِ مئان نه جاهي ڇوڙ."

(مارو محله ٥، ١١٠٢، ٣)

انهن سڀني حقيقتن لئي اسانکي غور سان ويچار ڪرڻ جڳائي. اهو هرهڪ انسان جي اختيار ۾ آهي ته ڪامل فقير کان جڳتي وٺي پنهنجي اندر پرڀو پريم جي اکٽ ڀنڊار کي پرگهٽ ڪري، سدائين لاءِ سکي ۽ شانت ٿي سگهي.

مندر ۽ گرجن جا گهنڊ اسانکي صرف ڪن مقرر وقتن تي سڏين ٿا پر اسانجي اندر وڄندڙ انهد شبد جي جهنڪار اسانکي هردم واپس سڏي رهي آهي. افسوس! اسين اڄيمت انسان انهيءَ کي ٻڌڻ جي ڪوشش ئي نٿا ڪريون!

ڪجهه سوال ۽ انهن جا جواب

١- ڇا ستگوروءَ کان نام دان وٺڻ لاءِ پنهنجو ڌرم ڇڏڻو پوندو؟

جواب- نه. سڀني مذهب ڌرمن جي بنياد ۾ هڪ ئي حقيقت سمايل آهي. ڪرائيسٽ يا ٻئي ڪنهن مهاتما

ڪانسواءِ ٻيو ڪو سچو گرو ڪونهي؟ پشچمي ملڪن ۾ هن وقت ڪو گرو آهي؟

جواب - دنيا ۾ ساڳئي وقت هڪ ڪان وڌيڪ سنت سنگرو ٿي سگهن ٿا ۽ اهو ڪو لازمي نه آهي. سنگرو انهيءَ ديش ۾ پنهنجو ڪارڻ ڪيترو چوندي ٿو جتي سڀ ڪان گهڻيون آتمائون نام لاءِ تيار هونديون آهن. ڀارت ٻوگين جو ملڪ آهي ۽ اتي جو واءُ منڊل آتمڪ انتيءَ لاءِ موزون ۽ لايدائڪ آهي. انهيءَ ديش ۾ اهڙا لکين غريب انسان رهن ٿا جن جون سنساري اڇائون ٿريب نه جي برابر آهن. غريبيءَ ڪارڻ هو عيش عشرت لي پيسو نٿا خرچي سگهن ۽ گهڻو ڪري ماس نه کائيندا آهن. پشچمي ماڻهن جي پيٽ ۾ هنن ۾ نمرتا وڌيڪ آهي ۽ دنيا کي فنا ۽ ناسونت سمجهڻ هنجي سڀاءَ ۾ آهي.

ڀارت ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن ديش ۾ سنت سنگرو آهي يا نه تنهنجو اسانکي پتو ناهي. ٿي سگهي ٿو ته ڪو هجي پر هن وقت اسين انهيءَ سنت سنگروءَ جو ذڪر ڪري رهيا آهيون جنهن کي اسان خود ڏٺو آهي ۽ جنهنجا عيوضي يورپ، آفريڪا ۽ امريڪا ۾ آهن جن سان جگياسو ملي سگهن ٿا.

٥- ڇا مان هن مت جا ڪتاب پڙهي سگهان ٿو ۽ پنهنجي شنڪائن کي نورت ڪرڻ لاءِ سوال پڇي سگهان ٿو؟

جواب - ها توهين ڪتاب پڙهي سگهو ٿا ۽ وڏي

مستقبل ۾ سمان رهي ٿو ۽ رهندو.

گوروءَ جو اصلي روپ شبد آهي پر جيون کي سمجهائڻ ۽ ڀڄهائڻ ۾ نام جو پيدا ڏيڻ لاءِ هڏکي ديهه ۾ اچڻو پوي ٿو. انهيءَ ڪري مهاتما وقت بوقت اچن ٿا ۽ جيو جي ڪلياڻ لڏهن ٿيندو جڏهن ڪنهن موجوده سنت ستگوروءَ کان نام جو پيدا وٺندو.

جنهن ماستر کي گذري سوين سال ٿيا وڃا آهن سو ڪيئن هن وقت اسانجي ٻارن کي پاڙهيندو؟ اهمان برابر جراح حڪيم هو پر هن وقت ڪنهن بيمار جو علاج ڪيئن ڪري سگهندو؟ اهڙي طرح گذريل مهاتمائن جي نيڪ وڻي مڪتيءَ جي آس رکڻ وڏي آهي.

۳- پنهنجي ڪمزوري ۽ اوڻاين جي باوجود جيڪڏهن مونکي ستگورو منظور ڪري نام دان بخشي ٿو ۽ نام دان جي سيني لاءِ جو اڌڪاري بڻائي ٿو نه پوءِ سوال ٿو اٿي ته مونکان وڌيڪ لائق ۽ نيڪ انسانن کي نام دان ڇو نٿو ملي؟

جواب- چاڪاڻ ته سڀ انهيءَ مارگ لاءِ تيار نه آهن. موجوده گوروءَ کان نام تڏهن ملندو جڏهن انهيءَ لاءِ ارداس ڪبي. جن ۾ نام جي جگياسا يا شوق نه آهي پوءِ هو ڪيتري ڪهڙا به نيڪ پاڪ هجن نه به هننکي سنتن وٽان اها اعليٰ وستو نٿي ملي چاڪاڻ ته هو ٻاهرين ڪرم ڌرم سان ٿي رهندل رهن ٿا.

۴- هن وقت سنت ستگورو ڀارت ۾ رهي ٿو. ڇا هن

شايد مرڻ کان آتمائن کي گهرائي انهن سان وارتالاپ ڪرڻ آهي. جيڪي روحن کي گهرائيندا آهن تن جو پنهنجي مانسڪ شڪتيءَ تي ڪو به ڪنٽرول نه هوندو آهي. اهو ڪم نه صرف نامناسب آهي بلڪ خطرناڪ به. اهو ڪم ڪرڻ سان اُها شڪتي ڪمزور ٿيئي ٿي ۽ صحت تي خراب اثر پوي ٿو. جي روحن کي گهرائيندڙ ايماندار به هجي ته به ڪو پورو ڀروسو نه آهي ته جنهن آتما کي اسين گهرائڻ چاهيون ٿا سا برابر آئي آهي يا نه. عام طور گهرائيندڙ (Medium) نيم بيهوش هوندو آهي ۽ هن جو پنهنجي مانسڪ شڪتين تي ڪو به ڪنٽرول نه رهندو آهي. سندس حالت ڪا اوچي چيتنا جي اوستا نه هوندي آهي بلڪ هڪ اهڙي بيهوشيءَ جي حالت، جنهن ۾ ڪا اَجنبي آتما هن جي مَن تي سوار هوندي آهي، جا دوکو به ڏيئي سگهي ٿي ۽ گمراهه به ڪري سگهي ٿي. ائين آهي ته پنهنجي وڇڙيل مترن جا نياپا ٻڌي من کي تسلي اچي ٿي پر هنن ڪرياائن ۾ ڪو روحاني لاڀ ڪونهي. بهتر ته اهو آهي ته اسين خود اڀياس ڪري پنهنجي انيڪ دواران جنم مرڻ جي رهسيه کي سمجهون.

٩- جيڪڏهن مان جڳتيءَ انوسار اڀياس ڪري اندر به وڃان ته مان ڪيئن وشواس ڪريان ته منهنجا قدم صحيح مارگ تي آهن ۽ مونسان دوکو نه ٿي رهيو آهي؟ مونکي ڪيئن خبر پوي ته ڪال جو وگهن ڪارڪ

ضروري سان سوال پڇي سگهو ٿا. اسين سڀ پرم سنت جي ڪوچ ۾ اڳيان آهيون ۽ ڪنهن به جگياسوءَ جي سهائتا ڪرڻ ۾ اسانکي پرسنتا ٿيندي.

٦- جيڪڏهن مان نام وٺان ته منهنجي ڪنهن ڪي کهڙو لاڀ ٿيندو؟

جواب- هر ڪو ڪنهن لهڻي ڏيڻي ۽ ڪرمن جي قانون انوسار ٿهي ٿو جنهن ۾ هر ڪنهن ياڻيءَ جي قسمت جدا جدا آهي. روحاني ڪوچ هڪڙو شخصي ڪم آهي جنهن ۾ ٻئي ڪنهن جي مٿان دٻاءُ يا زبردستي مناسب ناهي.

٧- نام دان پراپت ڪرڻ لاءِ مونکي ڪهڙي تياري ڪرڻ کپي. ڇا انهيءَ تياريءَ جو ڪو معيار آهي؟

جواب- صرف ستگورو ئي ڄاڻي ٿو ته ڪنهن کي نام ملڻو آهي ۽ ڪنهنکي نه. پر انهيءَ ڪارڻ کي آسان بڻائڻ لاءِ ستگوروءَ جا مختلف ديشن ۾ عيوضي اهڙن جگياسن جي سوچنا وقت بوقت ستگوروءَ کي ڏيندا رهن ٿا. ستگوروءَ جو حڪم آهي ته نام دان وٺڻ کان اڳ جن شرطن جو ذڪر باب ستين ۾ ڪيو ويو آهي (ماس، شراب ٿياڳڻ ۽ نيڪ زندگي گهارڻ) کي نباهڻ ضروري آهي.

٨- اسپرچوئلزم (Spiritualism) جي ابياس مان ڪو لاڀ ٿيندو؟

جواب- توهانجي مطابق اسپرچوئلزم جو مطلب

کي اختيار ڪندا ن ته به ٻهرئين گرو ءَ سان انهيءَ جو سنبنڌ
سلو رهي سگهي ٿو.

١١- هن پستڪ جي ٽئين باب ۾ لکيو ويو آهي ته
هن روحاني ٻالڪ جي آخر ۾ ساڌڪ پرماتما ۾ لين ٿي
وڃي ٿو. انهيءَ جو اهو مطلب آهي ڇا ته هو پنهنجي
شخصيت وڃائي ٿو ڇڏي؟

جواب- جنهن کي اسين پنهنجي شخصيت چئون ٿا
سو ته صرف هڪ ڀرم آهي ۽ اسانجي هن فاني ۽ ناسونت
سرير جي سنبنڌ جي ڪارڻ آهي. انهيءَ ڀرم جي ڪارڻ
اسين پاڻ کي ڪل مالڪ جي سرو لوڪ شڪتيءَ کان
الڳ ٿا سمجهون. ابياس دوران جڏهن آتما پرماتما ۾
سمائجي وڃي ٿي ته انهيءَ ۾ ڪو به نقصان ڪونهي
ڇو ته قطرو جڏهن سمنڊ ۾ سمائجي ويندو آهي تڏهن
هو پاڻ قطري مان ڦري سمنڊ بڻجي پوندو آهي.

شڪتيون کڻندڙ آهن ۽ مان واپس شروع ۾ موٽي
ايندس يا نه؟

جواب - پوري گوروءَ جي شرڻ وٺڻ کانپوءِ مون ۾ ڪو به ڀؤ نه رهي. گورو نام دان ڏيڻ وقت سڀ هدايتون چڱيءَ طرح ڏيندو آهي ته اندر ۾ ڇا ڪرڻو آهي ۽ کڻڙي شڪتيءَ کان دور رهڻو آهي. هو سدائين پنهنجي شيوڪ جي سنڀال ۽ رکيا ڪندو رهي ٿو پر اها سوجهي ان وقت پوي ٿي جڏهن شش اندر وڃي ٿو. سنت مت جي ابياس ۾ لڳا انوسار شرير کي خالي ڪري سگهجي ٿو ۽ وري واپس اچي سگهجي ٿو. هن ساڌنا ۾ ڪنهن به نقصان يا خطري جي گنجائش ڪانهي.

١٠- جيڪڏهن منهنجي رغبت انهيءَ آلمڪ سائنس جي ابياس ڏانهن ٿئي ۽ مان اڳيئي ڪنهن گوروءَ جو شيوڪ هجان ته پوءِ مونکي انهيءَ گوروءَ کي ڇڏڻو پوندو ڇا؟

جواب - جيڪڏهن توهنجو گورو سچ پچ توهنجو شڀچنتڪ آهي ۽ صحيح معنيٰ ۾ گورو آهي ته پوءِ توهنجي ستيه جي ونڍ کوج جي ڀاونا کي هو پاڻ پسند ڪندو ۽ توکي خوشيءَ سان اهڙي اوچي ۽ آسان مارگ تي هلڻ جي اجازت ڏيندو. مهاتما هميشه اُدار دل ٿيندا آهن ۽ ڪنهنجي به وچارن جي آزاديءَ ۾ رنڊڪ نه وجهندا آهن. تنهنڪري جيڪڏهن توهان سنت مت

سنڌي ڪتابن جي لسٽ

ڪتاب جو نالو — **ليکڪ**

۱. سار وچن نثر — حضور سوامي جي مهاراج
۲. پرمارٿي پتر — بابا جئمل سنگهه جي مهاراج جن جا حضور مهاراج بابا ساون سنگهه جن ڏانهن لکيل خط
۳. پرمارٿي ساکيون — حضور مهاراج ساون سنگهه جن جون ستسنگ ۾ ڏنل ساکيون
۴. سنتن جي سکيا — حضور مهاراج ساون سنگهه جن جا ستسنگ
۵. سنت مت — حضور مهاراج ساون سنگهه جن جا ستسنگ
۶. گورمت سار — حضور مهاراج ساون سنگهه جن جي پستڪ گورمت سڌانت جو ڇاپو
۷. سچا آپ سوارٿ هارا — حضور مهاراج ساون سنگهه جو ست سنگ
۸. سمرن سي سک هرت هئه — حضور مهاراج ساون سنگهه جن جو ستسنگ
۹. الک وگيان — سردار بهادر مهاراج جڳتسنگهه جن جا ستسنگ ۽ خط
۱۰. سنت مت درشن ڀاڱو ۱ — حضور مهاراج چرنسنگهه جن جا ستسنگ ۽ چٺين جا جواب
۱۱. سنت مارگ — حضور مهاراج چرنسنگهه جن دوارا سنت مت جي وياکيا
۱۲. ستسنگ ۱ کان ۱۰ — حضور مهاراج چرنسنگهه جن جا ستسنگ
۱۳. سنتن جي باڻي — مختلف سنتن جون باڻيون
۱۴. وينتي ۽ پرارٿنا جا شبد — مختلف سنتن جي باڻيءَ مان شبد
۱۵. روحاني ڊائري ڀاڱو ۱-۲-۳ — راءِ صاحب منشي رام
۱٦. سنگورن جي سکيا ڀاڱو ۱-۲-۳-۴ — شري ليکراج پوري
۱۷. سنت سماگم — ديوان دريائي لعل ڪپور
۱۸. هنسا هيرا موتي چگنا — سردار ڪرپالسنگهه نارنگ